SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1995

SINDH ACT NO.I OF 1995

سنڌ عوامي نمائندن جي اجوري جي نظر ثاني وارو ايڪٽ، 1995

THE SINDH RIVISION OF EMOLUMENTS OF PUBLIC REPRESENTATIVES ACT, 1995

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي ترميم
Amendment of Sindh Act XXVI of 1974

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Sindh Act VII of 1975

4. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي ترميم
Amendment of Sindh Act VIII of 1975

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1995

SINDH ACT NO.I OF 1995

سنڌ عوامي نمائندن جي اجوري جي نظرثاني واروايڪٽ، 1995

THE SINDH RIVISION OF EMOLUMENTS OF PUBLIC REPRESENTATIVES ACT, 1995

[30 مارچ 1995]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبي سنڌ ۾ نمائندگي جي عهدن رکندڙن جي پگهارن ۽ ٻين اجورن تي نظرثاني ڪئي ويندي.

جيئن تہ صوبي سنڌ ۾ نمائندگي جي عهدن رکندڙن جي پگهارن ۽ ٻين اجورن تي نظرثاني ڪرڻ ۽ لاڳاپيل قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ عوامي نمائندن جي اجورن جي نظرثاني واروايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

19974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي ترميم
Amendment of

2. سنڌ اسيمبلي ميمبرس (پگهارون ۽ الائونسز) ايڪٽ، 1974 ۾ هيٺين ريت ترميمون ڪيون ويندیون، يعني:

(1) دفعہ 3 ۾، لفظن "ٻہ هزار ۽ پنج سئو" لاءِ لفظن "چار هزار

Sindh Act XXVI of 1974

خرچ پکي جو الائونس

Sumptuary allowance

ڊيلي الائونس ۽ ڪنويئنس الائونس

Daily allowance and conveyance allowance

۽ پنج سئو" کي متبادل بڻايو ويندو.

(2) دفعہ 3 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"3_A: هڪ ميمبر ٻہ هزار رپيا ماهوار جي حساب سان خرچ پکي الائونس حاصل ڪندو."

(3) دفعہ 4 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"4. هڪ ميمبر چار سئو رپيا جي اگهہ سان روزانو الائونس حاصل ڪندو ۽ ڪنويئنس الائونس ٻہ سئو پنجاهہ رپيا جي حساب سان ڊيوٽي دوران رهائش جي عرصي دوران ۽ پهچڻ واري ڏينهن کان ڇڏڻ واري ڏينهن تائين، ان جڳهہ کان جتي اسيمبلي جو سيشن يا ڪميٽي جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي يا جتي سندس ذميوارين سان لاڳاپيل ڪو ڪم ٿيو آهي، جيئن اهڙي ميمبر کي ڏنو وڃي."

(4)دفعہ 4_A لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

رعايت. "4_A: هڪ ميمبر کي ڊيوٽي دوران رهائش تي هر ڏهاڙي لاءِ چار سئو پنجاهہ رپين جي حساب سان مالي مدد ڏني ويندي.

(رهائش لاءِ الائونس). 4_B: جتي ميمبر کي سرڪاري رهائش نہ ڏني وڃي، ڪيس ڊيوٽي دوران رهائش تي هڪ هزار رپيا روزانا جي حساب سان رهائشي الائونس ڏنو ويندو."

(5) دفعہ 5 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

سفر جو الائونس. "5. (1) اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ جي مقصد لاءِ هر سفر يا ڪميٽي جي گڏجاڻي يا ميمبر طور ذميوارين سان لاڳاپيل ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ سندس عام رهائش کان جتي اجلاس يا گڏجاڻي ٿي رهي آهي يا ٻيو ڪو ڪاروهنوار ٿي رهيو آهي ۽ اهڙي سفر لاءِ اهڙي هنڌ

کان سندس عام رهائش جي جڳهه تائين ميمبرکي هيٺين اگهن تي مسافري جو الائونس ڏنو ويندو:

(a) جتي سفر ٽرين ذريعي ڪيو وڃي، فرسٽ ڪلاس سفر برابر، واڌو اي سي ڪلاس جو اڌ ڪرايو؛

(b) جتي سفر جهاز ذريعي ڪيو وڃي، بزنس ڪلاس جي ڀاڙي برابر؛ ۽

(c) جتي سفر يا سفر جو ڪو حصو روڊ رستي ڪيو وڃي، ڪرايو اهڙي اگهه تي جيئن سنڌ ۾ لاڳو ٿيل ٽريولنگ الائونس رولز ۾ بيان ڪيو ويو هجي، ان موجب جيڪو پهرين گريڊ جي عملدارن کي ڏنو ويندو:

بشرطيڪ جيڪڏهن سفر ذاتي ڪار ذريعي ڪيو ويو آهي، مائيليج الائونس تي ربيا في ڪلو ميٽر جي حساب سان ڏنو ويندو: بشرطيڪ:

(i) بشرطيڪ اجلاس دوران اجلاس واري هنڌ کان ڪنهن ٻي جڳهه ڏانهن سفر لاءِ ڪو به مسافري الائونس نه ڏنو ويندو؛ ۽

(ii) ميمبر جيڪو عام طور تي رهائش اختيار ڪري ٿو يا ڪم جاري رکي ٿو جيڪو اهڙي جڳهه کان پنج ميل پري آهي جتي سندس ميمبر طور ذميوارين جي سلسلي ۾ حاضر رهڻو آهي، ته ان کي ان سلسلي ۾ مسافري جو الائونس نه ڏنو ويندو.

(2) مسافري جو الائونس ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل اگهن موجب ميمبر کي ڏنو ويندو جيڪڏهن سفر اجلاس جي

ملتوي هئڻ واري عرصي دوران ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن اجلاس ڏهه ڏينهن کان وڌيڪ عرصي لاءِ ملتوي ڪيو ويو آهي.

(3) ميمبر کي پرڏيهه سرڪاري دوري لاءِ هوائي رستي فرسٽ ڪلاس جي سفر جي سهولت ڏني ويندي.".

(6)دفعه A_5 ۾:

(a) ذيلي دفعه (1) ۾، لفظن "پنجويهه هزار" لاءِ لفظن "چاليهه هزار" کي متبادل بڻايو ويندو، ۽

(b) ذيلي دفعه (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(2) ميمبر جيڪو ووچر حاصل ڪرڻ نه چاهيندو هجي ان کي اهڙن ووچرن جي جڳهه تي ذيلي دفعه (1) موجب اهڙن ووچرن جي ملهه برابر الائونس فراهم ڪيو ويندو، جيئن ٽيهه هزار رپين جي رقم چاليهه هزار رپين جي رقم برابر هوندي.".

(7) دفعه 6 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(ٽيليفون) "(1) ميمبر کي سرڪاري خرچ تي ٽيليفون جي سهولت ڏني ويندي، ان جڳهه تي جتي اهو عارضي طور تي رهي ٿو، جيڪڏهن اهڙي جڳهه تي لڳائڻ جي سهولت دستياب آهي:

بشرطيڪ حڪومت فقط چار هزار رپيا ماهوار ٽيليفون جو خرچ ۽ ان تان ڪيل ڪالز جي سلسلي ۾ ادائگي ڪندي پوءِ ان ٽيليفون جو ڪنيڪشن نجي آهي يا حڪومت جي خرچ تي لڳايل آهي:

بشرطيڪ وڌيڪ اهو ته رهائش جي جڳهه تبديل ٿيڻ جي صورت ۾ ٻيهر لڳائڻ جو خرچ حڪومت ادا نه ڪندي.

(2)ميمبر جنهن کي ٽيليفون جي سهولت فراهم ناهي ڪئي وئي يا جنهن جي پنهنجي نالي تي ٽيليفون جو ڪنيڪشن نہ آهي ان کي ذيلي دفعہ (1) ۾ بيان ڪيل چار هزار رپيا ماهوار ٽيليفون جي خرچ جي سلسلي ۾ ڏنا ويندا.

(8)دفعہ 6_B ۾ لفظن "هڪ هزار ۽ پنج سئو" لاءِ لفظن "چار هزار" کي متبادل بڻايو ويندو.

(9) دفعہ 7 ۽ ان جي وضاحت لاءِ، هيٺيون دفعہ 7 ۽ 7_A متبادل بڻايا ويندا:

(مخالف ڏر اڳواڻ) "7. جيستائين هن ايڪٽ جي ڪجهہ متضاد نہ آهي، مخالف ڏر اڳواڻ کي پگهار، الائونس ۽ مراعتون اهڙيءَ ريت ڏنيون ويندیون جيئن صوبائي وزير کي سنڌ وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 موجب ڏنيون ويندیون آهن:

سرڪاري سواري. 7_A. ميمبر جيڪو اسيملي جي ڪميٽي آفيس جي چيئرمين جو عهدو رکي ٿو سواءِ سليڪٽ ڪميٽي يا اسپيشل ڪميٽي جي، ان کي ٻي ڪنهن گنجائش ۾ هڪ سرڪاري ڪار کان وڌيڪ سرڪاري ڪار جي استعمال جي اجازت نہ هوندي ۽ جتي کيس پنهنجي سهولت موجود آهي، ان کي دفعہ 4 تحت ڪنوينس الائونس ۽ دفعہ 5 تحت مسافري جو الائونس نہ ڏنو ويندو:

بشرطيڪ:

(i) ڪميٽي جي چيئرمين کي ان جي عهدي جي سڄي مدي دوران فقط هڪ ڪار فراهم ڪئي ويندي؛

(ii) ڪميٽي جي چيئرمين کي اٺ هزار رپيا هر مهيني پيٽرول ۽ مرمت جي مد ۾ ڏنا ويندا ۽ ڪار جي پيٽرول ۽ مرمت جي سموري ذميواري سندس هوندي؛

(iii) عهدو ختم ٿيڻ تي ڪميٽي جو چيئرمين ٽن ڏينهن دوران ڪار واپس ڪندو.".

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم

Amendment of Sindh Act VII of 1975

3.ڄاڻايل سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، هيٺيون ترميمون ڪيون ويندیون:

(1) دفعہ 3 جي شق (c) ۾، لفظن ۽ ڪامائن "اسپيڪر جي صورت ۾ اٺ مڻ ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي صورت ۾،" کي ختم ڪيو ويندو؛

(2) دفعہ 3_A ۾، لفظن "تي هزار رپيا ۽ ٻہ هزار" لاءِ لفظن "پنج هزار" کي متبادل بڻايو ويندو؛

(3) دفعہ 5 ۾، لفظن "پنج هزار رپيا ۽ چار هزار" لاءِ لفظن "ويهہ هزار ٻہ سئو ۽ پنجاهہ رپيا ۽ ارڙهن هزار" سان متبادل بڻايو ويندو؛

(4) دفعہ 6 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) لاءِ وضاحت ڪانسواءِ باقي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، کي عهدي رکڻ جي سڄي مدي دوران دوري تي سرڪاري رهائش سان گڏ سهولت فراهم ڪئي ويندي ۽ ان کان پندرنهن ڏينهن جي عرصي لاءِ ۽ ان جي سار سنڀال بشمول بجلي ۽ گئس جي چارجز جي، انهن جو خرچ حڪومت طرفان

برداشت ڪيو ويندو. رهائش حڪومت طرفان فراهم ڪئي ويندي جيڪا هڪ سئو هزار رپين جي قيمت کان وڌيڪ نہ هوندي.".

(5) دفعہ 7_A جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر، هڪ سال دوران پنج سئو هزار رپيا ۽ ٽي سئو هزار رپيا ترتيبوار گرانٽس ڏيڻ جا مجاز هوندا.".

(6) دفعہ 8 ۾، لفظن "ٽي هزار رپيا ۽ هڪ هزار ۽ پنج سئو" لاءِ لفظن "ڇهہ هزار" کي متبادل بڻايو ويندو.

(7) دفعہ 8_A لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(ٽيليفون) "8_A. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، انهن کي سرڪاري خرچ تي انهن جي آفيس لاءِ ٻن ٽيليفونز ۽ انهن جي رهائش تي ٻنهي سرڪاري يا نجي استعمال لاءِ ٻن ٽيليفونز جي سهولت انهن جي عهدي رکڻ جي مدي دوران ڏني ويندي ۽ ان کان بعد فوري طور پندرنهن ڏينهن تائين. ان کي دوري دوران بہ ٽيليفون جي سهولت فراهم ڪئي ويندي، جتي اهڙي سهولت دستياب هجي.".

(8) دفعہ 9 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (2) ۾، شق (b) کانپوءِ هيٺيون نيون شقون (c)، (d) ۽ (e) شامل ڪيون ويندیون ۽ موجود شقن (c) ۽ (d) کي شقن (f) ۽ (g) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو:

"(c) جيڪڏهن اهو ضروري سمجهي حڪومت جي خرچ تي پاڪستان ايئرفورس جي جهاز يا دستيابي موجب حڪومت سان لاڳاپيل جهاز لاءِ درخواست ڪري سگهي ٿو،

۾ وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت، جيئن معاملو هجي، طرفان جوڙيل قاعدن موجب درخواست ڪري سگهي ٿو:

(d) پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر واري سفر تي ساڻ ڪٽي سگهي ٿو، پوءِ اهو ڪمرشل جهاز ذريعي يا درخواست ڪيل جهاز ذريعي سفر ڪري رهيو هجي:

بشرطيڪ ڪنهن بہ نان آفيشل کي بچاءَ واري وزارت جي اجازت کانسواءِ پاڪستان ايئر فورس جي جهاز ۾ سفر جي اجازت نہ ڏني ويندي.

(e) بہ ذاتي ملازمن جي ريل يا اسٽيمر ذريعي هيٺين ڪلاس جي گاڏي ۾ سفر جي قيمت"؛

(b) ذيلي دفعات (3) ۽ (4) ۽ انهن هيٺيان ڏنل نوٽ لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(3) اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، جڏهن ڊيوٽي دوران پاڪستان ۾ ريل ذريعي سفر ڪري رهيا هجن، انهن کي هيٺيون سهولتون ڏنيون ويندين:

(a) حڪومت جي خرچ تي ڪا شئي طلب ڪرڻ:

(i) هڪ عام رواجي فرسٽ-سيڪنڊ ڪلاس ڪيريج يا هڪ "بي" ڪلاس ٽوئرسٽ ڪار يا هڪ "اي" ڪلاس ٽوئرسٽ ڪار، جيڪڏهن "بي" ڪلاس ٽوئرسٽ ڪار دستياب نہ آهي؛ يا

(ii) جيڪڏهن مٿي (i) ۾ ڄاڻايل گاڏيون دستياب نہ آهن، يا طلب ناهن ڪيون ويون، هڪ عام چار برٿ وارو فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ يا ٻن برٿ وارو ايئر ڪنڊيشنڊ (ڪوپ) ڪمپارٽمينٽ؛

(b) جڏهن درخواست ڪيل ريلوي ڪمپارٽمينٽ ۾ سفر ڪري رهيو هجي تهپاڻ سان گڏ مخصوص اڪوموڊيشن ۾ بنا ڪنهن پاڙي جي ادائگي جي، پنهنجي ڪٽنب جا ماڻهو ڪٽي سگهي ٿو جيڪي چئن کان وڌيڪ نه هجن.

(4) اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، ريلوي ۾ اڪوموڊيشن مخصوص ڪرائڻ وقت، سفر شروع ڪرڻ کان اڳ ان کان ساڻس گڏ سفر ڪندڙ ماڻهن جي انگ ۽ درخواست ۾ داخل ڪيل مخصوص اڪوموڊيشن تي ٽڪيٽن جا ٻيا تفصيل اسٽيشن جي اسٽيشن ماسٽر طرفان طلب ڪيا ويندا، جتان کان سفر جي شروعات ٿيڻي آهي.

(c) ذيلي دفعه 6 ۾، شق (a) ۾، لفظن "پنجهتر پئسا في ميل" لاءِ لفظن "تي رپيا في ڪلوميٽر" کي متبادل بڻايو ويندو.

(d) دفعه 9 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"A_9. (1) جيڪڏهن اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، جڏهن جهاز ذريعي سفر ڪري رهيا هجن، سرڪاري ڊيوٽي دوران ڪنهن فلائيٽ، شيڊولڊ يا ان شيڊولڊ (بشمول حڪومت جي ڪنهن به قسم جي ايئرڪرافٽ ذريعي اڏام جي)، دوران هو فوت ٿي وڃي ٿو يا ڪنهن حادثي جي نتيجي ۾ زخمي ٿي پوي ٿو، حڪومت ذيلي دفعه (2) ۾ حوالو ڏنل ماڻهو يا ماڻهن کي فوتگي جي صورت ۾ ٽي سئو هزار رپيا ادا ڪندي ۽ رقم جيڪا حڪومت طرفان اسڪيلز کي نظر ۾ رکندي طئي ڪئي ويندي، اهڙن ڪيسن ۾ زخمي ٿيڻ جي صورت ۾ انشورنس ڪمپنيز طرفان معاوضي جي قيمت به لاڳو ٿيندي.

(2) زخمي هئڻ جي صورت ۾ معاوضو اسپيڪر يا ڊپٽي

اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، کي واجب الادا هوندو ۽ فوتگي جي صورت ۾ انجي ڪٽنب جي اهڙي ميمبر يا ميمبرن کي ادا ڪئي ويندي، يا جيڪڏهن اهڙو ڪو ميمبر نہ هجي، ڪو ٻيو ماڻهو يا ٻيا ماڻهو جيڪي ان سلسلي ۾ سندس طرفان نامزد ڪيا ويا هجن، يا اهڙي نامزدگي نہ هئڻ جي صورت ۾ ان جي وارثن کي معاوضو ڏنو ويندو:

بشرطيڪ نامزد فرد ڪيل حاصل ڪيل رقم فوت ٿي ويل جي وارثن ۾ ورهائيندو.

(3) ذيلي دفعہ (2) تحت ڪيل نامزدگي، اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، طرفان لکت ۾ اڪائونٽنٽ جنرل، سنڌ کي نوٽيس ذريعي ختم ڪئي يا تبديلي ڪئي ويندي.".

(9)دفعہ 10 ۾، ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "هڪ سئو ۽ پنجويهہ" لاءِ لفظن "چار سئو ۽ پنجاهہ" کي متبادل بڻايو ويندو.

(10) دفعہ 13 کي (1)13 طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون ذيلي دفعہ (2) وڌايو ويندو:

"(2) اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جو موڪل جو الائونس ويهہ هزار ٻہ سئو ۽ پنجاهہ رپيا ۽ ارڙهن هزار رپيا ترتيبوار، ماهوار هوندو".

(11) دفعہ 13 کانپوءِ، هيٺيان نوان دفعات 14، 15، 16، ۽ 17 وڌايا ويندا ۽ موجود دفعات 14 ۽ 15 کي 18 ۽ 19 طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو:

(ٻاهرين ملڪ ٽوئر لاءِ مسافري جو الائونس) "14. اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، جڏهن سرڪاري ڪم سانگي پاڪستان کان ٻاهر سفر ڪري رهيا هجن

انهن کي فرسٽ ڪلاس هوائي ڀاڙو ڏنو ويندو ۽ اهڙو الائونس جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

(پرووِيڊنٽ فنڊ) "15. (1) اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، پنهنجا سڀ آپشن استعمال ڪري سگهي ٿو جنرل پرووِيڊنٽ فنڊ جو ڦوڙي ڏيندڙ ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ايئن ڪري ٿو اهو صوبائي سرڪاري ملازمن تي لاڳو جنرل پرووِيڊنٽ فنڊ رولز موجب فنڊ ۾ لازمي سبسڪرائيبر طور رقم جمع ڪرائيندو.

(2) هڪ عارضي ايڊوانس اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، کي ان جي جنرل پرووِيڊنٽ فنڊ مان حڪومت جي استحقاق سان اهڙي مقصد لاءِ اهڙو ايڊوانس ڄاڻايل قاعدن موجب سبسڪرائيبر کي جاري ڪيو ويندو.

(3) ذيلي دفعہ (2) تحت جاري ڪيل عارضي ايڊوانس جيستائين حڪومت ٻي صورت ۾ ڪا هدايت ڪري، سبسڪرائيبر کي ڄاڻايل قاعدن موجب جاري ڪيل ايڊوانس سمجهيو ويندو.

پرڏيهہ ۾ موڪلون
Holidaying abroad

16. (1) اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، جڏهن پرڏيهہ موڪل تي هوندا، پنهنجي سڄي پگهار پرڏيهہ ۾ گذاريل موڪل جي عرصي لاءِ پرڏيهي ڪرنسي ۾ حاصل ڪندا.

(2) جڏهن اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، پرڏيهہ ۾ موڪلون گذاري رهيو آهي ۽ پنهنجي پگهار پرڏيهي ڪرنسي ۾ حاصل ڪري ٿو ان تي انڪم ٽيڪس، پرووِيڊنٽ فنڊ وغيره پرڏيهي ڪرنسي ۾ لاڳو نہ ٿيندا، جيڪڏهن اهو اهڙي رقم پاڪستاني رپين ۾ ادا ڪرڻ جو

انتظام ڪري ٿو.

(3) اهو خرچ جيڪو غير ملڪي ناٿي جي مٿا سٿا سان لاڳاپيل هوندو اهو هن ايڪٽ مطابق غير ملڪي ناٿي جي مٿا سٿا واري مد مان پورو ڪيو ويندو، جيڪو سرڪار طرفان ساموندي سفر ڪرڻ واري وقت لاءِ رکيو ويو هوندو.

(4) جتي اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر، جيئن معاملو هجي، طرفان پگهار پرڏيهي ناٿي ۾ حاصل ڪئي ٿي وڃي، اهو ڪنهن ٻي گنجائش موجب اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان کان پرڏيهي ناٿي جي مٿا سٿا حاصل نه ڪندو.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

17. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VIII جي ترميم
Amendment of Sindh Act VIII of 1975

4. سنڌ وزير (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، هيٺين ريت ترميمون ڪيون ويندیون، يعني:

(1) دفعه 3_A ۾، لفظن "ٽي هزار ۽ پنج سئو" لاءِ لفظن "پندرنهن هزار" ۽ لفظن "ٽي هزار" لاءِ لفظن "پنج هزار" کي متبادل بڻايو ويندو.

(2) دفعه 5 ۾، لفظن "ڇهه هزار" لاءِ لفظن " ايڪويهه هزار" ۽ لفظن "پنج هزار" لاءِ لفظن "ارڙهن هزار" کي متبادل بڻايو ويندو.

(3) دفعه 6 ۾، لفظن "چار هزار" لاءِ لفظن "ڏهه هزار" ۽ لفظن "ٽي هزار" لاءِ لفظن "ڇهه هزار" کي متبادل بڻايو ويندو.

(4) دفعه 6_A ۾، ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) مناسب رقم ۽ ٽي سئو هزار رپين جي رقم ساليانو وڏي وزير ۽ وزير لاءِ ترتيبوار ساليانو صوابديدي گرانٽس ڏيڻ لاءِ

رکي ويندي اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.".

(5) دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(a) شرطيہ بيان لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"بشرطيڪ وڏي وزير ۽ وزير جي سرڪاري رهائش فراهم ڪرڻ لاءِ خرچ پنج سئو هزار رپين ۽ هڪ سئو هزار رپين ترتيبوار ڪان وڌيڪ نہ هوندو."

(b) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "اٺ هزار" لاءِ لفظن "پندرنهن هزار" ۽ لفظن "ويهہ هزار" لاءِ لفظن "سٺ هزار" کي متبادل بڻايو ويندو.

(6) دفعہ 9 جي ذيلي دفعہ (5) جي شق (a) ۾، لفظن "پنجهتر پئسا في ميل" لاءِ لفظن "ٽي رپيا في ڪلوميٽر" کي متبادل بڻايو ويندو.

ڊيلي الائونس
Daily Allowance

(7) شرطيہ بيان سميت دفعہ 10 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"10. وڏو وزير يا وزير جڏهن دوري تي هجن انهن کي چار سئو ۽ پنجاهہ رپيا روزانو ڊيلي الائونس وٺي سگهڻ جا حقدار هوندا:

بشرطيڪ جتي دوري جو وقت اٺ ڪلاڪن کان گهٽ آهي، انهن کي اڌ ڊيلي الائونس ڏنو ويندو."؛

(8) دفعہ 11 ۾، لفظن "هڪ لک ۽ پنجويهہ هزار" لاءِ لفظن "ٽي سئو هزار" کي متبادل بڻايو ويندو.

(9) دفعہ 12 ۾، لفظن "ڏنو ويندو" کانپوءِ لفظن "فرسٽ ڪلاس هوائي ٽڪيٽ" کي شامل ڪيو ويندو.

(10) دفعہ 16 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

پرڏيهہ ۾ موڪلون

"16_A. (1) وڏو وزير يا وزير، جيئن معاملو هجي، جڏهن

Holidaying abroad

پرڏيهه ۾ موڪل تي هجن، پنهنجي سڄي پگهار پرڏيهي ناڻي ۾ حاصل ڪندا.

(2) جڏهن وڏو وزير يا وزير، جيئن معاملو هجي، پرڏيهه ۾ موڪلون گذاري رهيو آهي ۽ پنهنجي پگهار پرڏيهي ڪرنسي ۾ حاصل ڪري ٿو، ان تي انڪم ٽيڪس، پرووِيڊنٽ فنڊ وغيره پرڏيهي ڪرنسي ۾ لاڳو نه ٿيندا، جيڪڏهن اهو اهڙي رقم پاڪستاني رپين ۾ ادا ڪرڻ جو انتظام ڪري ٿو.

(3) اهو خرچ جيڪو غير ملڪي ناڻي جي مٽا سٽا سان لاڳاپيل هوندو اهو هن ايڪٽ مطابق غير ملڪي ناڻي جي مٽا سٽا واري مد مان پورو ڪيو ويندو، جيڪو سرڪار طرفان ساموندي سفر ڪرڻ واري وقت لاءِ رکيو ويو هوندو.

(4) جتي وڏي وزير يا وزير، جيئن معاملو هجي، طرفان پگهار پرڏيهي ناڻي ۾ حاصل ڪئي ٿي وڃي، اهو ڪنهن ٻي گنجائش موجب اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان کان پرڏيهي ناڻي جي مٽا سٽا حاصل نه ڪندو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.